SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2004

# SINDH ORDINANCE NO. I OF 2004

# سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH INFORMATION TECHNOLOGY BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 2002

3. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance No.III of 2002

4. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2002

5. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance No.III of 2002

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2004

# SINDH ORDINANCE NO. I OF 2004

# سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH INFORMATION TECHNOLOGY BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

[30 جنوري، 2004]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ

فرمايو آهي:

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو پيو وڃي:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1. هن آرڊيننس کي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

**2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 2 جي ترميم**
**Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 2002**

2. سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 2002 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (c) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(cc) “ميمبر” مطلب بورڊ جو ميمبر:

(ii) شق (f) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

”(g) ”وائيس چيئرپرسن“ مان مراد بورڊ جو وائيس چيئرپرسن”.

**2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 4 جي ترميم**
**Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance No.III of 2002**

3.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 4 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“(1)بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i)سنڌ جو گورنر | چيئرپرسن |
| (ii)انفارميشن ٽيڪنالاجي وارو وزير يا | ۽ وائيس چيئر پرسن |

| | |
|---|---|
| سندس غير موجودگي ۾<br>وڏي وزير طرفان نامزد ڪيل<br>ڪو شخص<br>(iii)يارنهن ميمبر جن مان<br>گهٽ ۾ گهٽ پنج نجي<br>سيڪٽر مان حڪومت<br>طرفان مقرر ڪيا ويندا.” | |
| 4. جاڙايل آرڊيننس جي دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل ڏيندو:<br>”(a) انفارميشن ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ۽ ترقي وٺرائڻ ۽ ان جي حڪمت عملي قومي انفارميشن ٽيڪنالاجي پاليسي جي طريقي اختيار ڪرڻ جيڪڏهن ڪا هجي؛” | 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 5 جي ترميم<br>Amendment of Section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2002 |
| 5.جاڙايل آرڊيننس جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ڏيندو:<br>”(2) چيئرپرسن پنهنجا ڪي بہ اختيار سواءِ بورڊ جي اختيارن جي ڪنهن بہ بورڊ جي عملدار کي سونپي سگهي ٿو.”<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 7 جي ترميم<br>Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance No.III of 2002 |